گناہن کان پاک صاف

سندھی



شیخِ طریقت، امیرِ اہلسنّت، بانیٔ دعوتِ اسلامی، حضرت علّامہ مولانا ابو بلال

محمد الیاس عطّار قادری رضوی

دامت برکاتہم العالیۃ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي چڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج 1 ص40 دار الفكر بيروت)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ پيرو درود شريف پڙهي چڏيو)

رسالي جو نالو: گناهن کان پاڪ صاف

چاپو پهريون: شوال المڪرم 1441هـ، مئي 2020ع

تعداد:

چاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب چاپڻ جي اجازت ناهي

ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني ءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

جو اُردو زبان ۾ رسالو

گناهن کان پاڪ صاف

ترجمو پيشڪش

ٽرانسليشن ڊپارمنٽ (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي تہ ٽرانسليشن ڊپارمنٽ کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

رابطي جي لاءِ:

ٽرانسليشن ڊپارمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ

محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: ✉ translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

گناهن کان پاڪ صاف

دُرُود شريف جي فضيلت

سرڪار مدينہ، راحت قَلْبُ و سِيْنَہ، صَاحِبِ مُعَطَّر پسينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عافيت نشان آهي. اي ماڻهون! بيشڪ قيامت جي ڏينهن ان جي دهشتن ۽ حساب ڪتاب کان جلدي نَجات پائڻ وارو اهو شخص هوندو جنهن توهان مان مون تي دنيا جي اندر ڪثرت سان دُرود پاڪ پڙهيا هوندا. (الفردوس ج 5 ص375 حديث8210)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

”عيد“جي ٽن اڪرن جي نسبت سان
عيد جي ڇهن روزن جا ٽي فضائل
نئين ڄاول جيان گناهن کان پاڪ

مدينہ 1: ”جنهن **رمضان** جا روزا رکيا پوءِ **ڇهہ ڏينهن شوال** ۾ رکيا تہ گناهن کان ائين نڪري ويو جيئن اڄ ئي ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيو آهي.“ (مجمع الزوائد ج3 ص 425 حديث 5102)

جڻ سڄي عمر جو روزو رکيو

مدينه 2 : ”جنهن **رمضان** جا روزا رکيا وري ان کان پوءِ **ڇهه شوال** ۾ رکيائين. تہ ائين آهي جيئن دهر جا (يعني سڄي عمر جا) روزا رکيا“.
(صحيح مسلم ص 592 حديث 1164)

سڄو سال روزا رکيا

مدينه 3: ”جنهن عيد الفطر کان پوءِ (شوال ۾) **ڇهه روزا** رکي ڇڏيا تہ ان پوري سال جا روزا رکيا. جو جيڪو هڪ نيڪي آڻيندو ان کي ڏهہ ملنديون. پوءِ ماهِ رمضان جو روزو ڏهن مهينن جي برابر آهي ۽ انهن ڇهن ڏينهن جي بدلي ۾ ٻہ مهينا تہ پوري سال جا روزا ٿي ويا. (سنن نسائي ج 2 ص162، حديث 2861)

عيد جا ڇهہ روزا ڪڏهن رکيا وڃن؟

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! صدرالشريعه، بدر الطريقه حضرت علامه مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بهارِ شريعت جي حاشيي ۾ فرمائن ٿا:”بهتر هي آهي تہ هي روزا وقفو ڪري رکيا وڃن ۽ عيد کان پوءِ لڳاتار ڇهہ ڏينهن ۾ گڏ رکي ورتا تڏهن ٻہ حرج ناهي.“
(بهارِ شريعت، حصو 5 ص 140)

خليلِ ملّت حضرت علامه مولانا مفتي محمد خليل خان قادري برڪاتي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هي روزا عيد کان پوءِ لڳاتار رکيا وڃن تڏهن ٻہ حرج ناهي ۽ بهتر هي آهي تہ متفرق (يعني وقفو ڪري) رکيا وڃن يعني هر هفتي ۾ ٻہ روزا ۽ عيد الفطر جي ٻئي ڏينهن هڪ روزو رکي وني ۽ پوري مهيني ۾ رکي تہ اجان ٻہ مناسب معلوم ٿئي

ٿو. (سنّي بهشتي زيور ص 347) مطلب تہ **عيد الفطر** جو ڏينهن ڇڏي سڄي مهيني ۾ جڏهن چاهيو **عيد جا ڇهہ روزا** رکي سگهو ٿا.

ذوالحجة الحرام جي شروعاتي ڏهن ڏينهن جا فضائل

فتاوي رضويہ جلد 10 ص 649 تي آهي: ذوالحجة الحرام جو پهريون ڏهاڪو (يعني ابتدائي ڏهہ ڏينهن) رمضان المبارک کان پوءِ سيني ڏينهن کان افضل آهي.

"الله" جي چاراکرن جي نسبت سان ذوالحجة الحرام جي ڏهاڪي متعلق 4 فرامين مصطفٰي ﷺ

مدينہ 1: "**هنن ڏهن ڏينهن** کان وڌيڪ ڪنهن ڏينهن جو نيڪ عمل الله عَزَّوَجَلَّ کي محبوب ناهي". صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو،"يا رسول الله! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ نہ راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ جهاد؟" فرمايائون " ۽ نہ راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ جهاد، پر اهو جيڪو پنهنجي جان ۽ مال کڻي نڪري پوءِ ان مان ڪجهہ واپس نہ آڻي. (يعني رُڳو اهو مجاهد افضل هوندو جيڪو جان ۽ مال قربان ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو) (صحيح بخاري ج 1 ص 333 حديث 969)

مدينہ 2: الله عَزَّوَجَلَّ کي عشرهءِ **ذوالحجہ** کان وڌيڪ ڪنهن ڏينهن ۾ پنهنجي عبادت ڪرڻ پسنديده ناهي ان جي هر ڏينهن جو روزو هڪ سال جي روزن ۽ هر رات جو قيام **شبِ قدر** جي برابر آهي."

(جامع ترمذي ج2 ص 192 حديث 758)

مدينه 3: ”مون کي الله عَزَّوَجَلَّ تي يقين آهي تہ **عرفه** (يعني 9 ذوالحجة الحرام) جو روزو هڪ سال پهريان ۽ هڪ سال بعد جا گناهہ مٽائي ڇڏي ٿو“. (صحيح مسلم ص 590 حديث196)

عرفه (يعني 9 ذوالحجة الحرام) **جو روزو** هزار روزن جي برابر آهي. (شعب الايمان ج3 ص357 حديث3764) پر حج ڪرڻ واري تي جيڪو **عرفات** ۾ آهي ان کي عرفه (يعني 9 ذوالحجة الحرام) جي ڏينهن روزو رکڻ مڪروهہ آهي جو حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا تہ حضور ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **عرفه** (يعني9 ذوالحجة الحرام جي ڏينهن حاجيءَ کي) عرفات ۾ روزو رکڻ کان منع فرمايو. (صحيح ابن خزيمہ ج3 ص 292 حديث2101)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

ايام بيض جا روزا

هر مدني مهيني (يعني سن هجري جي مهيني) ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽي روزا هر اسلامي ڀاءُ ۽ اسلامي ڀيڻ کي رکي ئي ڇڏڻ گهرجن. ان جا بيشمار دنياوي ۽ اخروي فائدا ۽ فضائل آهن. بهتر هي آهي تہ هي روزا ”ايام بِيض“ يعني چنڊ جي 13،14 ۽ 15 تاريخ تي رکيا وڃن.

ايام بِيض جي روزن جي متعلق 3 روايتون

مدينه 1: **اُمُّ الْمؤ منين** سيّدتنا حفصہ رَضِیَ اللہُ عَنْہَا کان روايت آهي، الله عَزَّوَجَلَّ جا پيارا حبيب صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم چئن شين کي نہ ڇڏيندا هئا. ﴿1﴾ عاشورا (ڏهين محرم) ۽ ﴿2﴾ عشرهءِ ذوالحجه ۽ ﴿3﴾ هر مهيني ۾

تن ڏينهن جا روزا ۽ ﴿4﴾ فجر(جي فرض) کان پهريان ٻه رڪعتون (يعني ٻه سنّتون) (سنن نسائي ص395 حدي13 24) حديثِ پاڪ جي هن حصي ”ذوالحجه جي ڏهاڪي جا روزا“ مان مراد ذوالحجه جي ابتدائي نون ڏينهن جا روزا آهن، نه ته ڏهه ذوالحجه جو روزو رکڻ حرام آهي. (ماخوذ از مرأة المناجيح جلد 3 ص 195)

مدينه 2: حضرتِ سيّدُنا ابنِ عباس رضی الله عنهما کان روايت آهي ته طبيبن جا طبيب، الله جا حبيب صلّی الله علیه واٰله وسلّم ايام بِيض ۾ روزي جي بغير نه هوندا هئا نه سفر ۾ نه حضر (يعني قيام) ۾. (سنن نسائي ص 386 حيث 2342)

مدينه 3: اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيدتنا عائشه صديقه رضی الله عنها روايت فرمائن ٿيون: ”منهنجا سرتاج صاحبِ معراج صلّی الله علیه واٰله وسلّم هڪ مهيني ۾ **چنچر، آچر ۽ سومر** جو جڏهن ته ٻئي مهيني **اٿاري، اربع ۽ خميس** جو روزو رکندا هئا.“ (جامع ترمذي ج2 ص186حديث746)

ايامِ بيض جي روزن جي باري ۾ 5 فرامينِ صلی الله علیه وسلم

(1) جهڙي طرح توهان مان ڪنهن وٽ لڙائي ۾ بچاءُ جي لاءِ ڍال هوندي آهي اهڙي طرح روزو جهنم کان توهان جي ڍال آهي ۽ هر مهيني 3 روزا رکڻ بهترين روزا آهن. (ابن خزيمه جلد 3 ص 301 حديث 2125) (2) هر مهيني ۾ تن ڏينهن جا روزا ائين آهن جيئن دهر (يعني هميشه) جا روزا. (بخاري ج 1 ص 946 حديث 7519) (3) رمضان جا روزا ۽ هر مهيني ۾ تن ڏينهن جا روزا سيني جي خرابي (يعني جيئن نفاق) دور ڪندا آهن. (مسند امام احمد ج 9 ص 36 حديث 23132) (4) جنهن کان تي سگهي مهيني ۾

ٽي روزا رکي جو هر روزو ڏهه گناهه مٽائيندو ۽ گناهه کان ائين پاڪ ڪري ڇڏيندو آهي جيئن پاٽي ڪپڙي کي. (معجم کبير ج 25 ص 25 حديث 60) (5) جڏهن مهيني ۾ ٽي روزا رکڻا هجن ته 13، 14، 15 جا رکو. (نسائي ص 396 حديث 17 24)

مرڻ جون دعائون گهرندا هئا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ايامِ بِيض جي روزن، نيڪين ۽ سنّتن جو ذهن بڻائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي تحريڪ "**دعوتِ اسلامي**"جو **مدني ماحول** اختيار ڪريو، رُڳو پري پري کان ڏسڻ سان ڳالهه نه نهندي، سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سنّتن ڀريو سفر ڪريو، رمضان المبارڪ جو **اجتماعي اعتڪاف** به ڪريو، اِنْ شَآءَاللّٰه توهان کي اهو روحاني سڪون مُيَسَّر ٿيندو جو توهان حيران رهجي ويندؤ. **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ۾ اچي ڪري ڪهڙا ڪهڙا بگڙيل ماڻهو سڌي واٽ تي اچي ويندا آهن ان جي هڪ جهلڪ ملاحظه فرمايو، جيئن ته تعلقي نُل (باب الاسلام سنڌ پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي ته آءُ انتهائي فسادي ۽ شرير هئس، جهيڙو جهڳڙو منهنجو پسنديده مشغلو هو منهنجي شرارتن کان سڄو محلو تنگ هو ۽ گهر وارا ته ايتريقدر بيزار هئا جو **منهنجي مرڻ جون دعائون گهرندا هئا.** خوشقسمتيءَ سان ڪجهه اسلامي ڀائرن مون تي **انفرادي ڪوشش** ڪندي مون کي رمضان المبارڪ جي **اجتماعي اعتڪاف** جي دعوت پيش ڪئي. مون مُرَوَّت ۾ ها ڪري ڇڏي. جذبو ته هيو ئي نه رُڳو ٽائيم پاس ڪرڻ جي غرض سان مان رمضان المبارڪ (سن1420 هـ 1999) ۾ ميمڻ مسجد عطارآباد ۾ **عاشقان رسول** سان گڏ **معتڪف** ٿي ويس.

اعتڪاف جي دوران وضو، غسل، نماز جو طريقو گڏوگڏ حقوق الله ۽ حقوق العباد ۽ احترامِ مسلم جا احڪام سکڻ لاءِ مليا، سنّتن ڀري پُرسوز بيانن ۽ رِقت انگيز دعائن مون کي ڏڪائي ڇڏيو! شرمسار ٿي ڪري مون ڪيل گناهن کان توبهه ڪئي، نيڪيون ڪرڻ جي دل ۾ امنگ پيدا ٿي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه مون عشقِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نشاني ڏاڙهي شريف سجائي ورتي، مٿي کي سبز عمامي شريف جي تاج سان سرسبز ڪيو ۽ جهيڙن جهڳڙن جي جڳهه تي **نيڪيءَ جي دعوت** جو شَيدائي بڻجي ويس.

آؤ آکر گناہوں سے توبہ کرو ، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
رَحمتِ حق سے دامن تم آکر بھرو، مدنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

”مصطفيٰ“ جي پنجن اکرن جي نسبت سان سومر شريف ۽ خميس جي روزن جي متعلق 5 احاديث مبارڪ

مدينه 1: حضرت سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان مروي آهي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمائن ٿا. سومر ۽ خميس تي اعمال پيش ٿيندا آهن تہ مان پسند ڪريان ٿو تہ منهنجو عمل ان وقت پيش ٿئي جو مان روزيدار هجان. (سنن ترمذي ج2 ص187 حديث 747) تہ جيئن روزي جي برڪت سان رحمتِ الاهي جو دريا جوش هڻي. (مرآة ج 3 ص 188)

مدينه 2: الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **سومر** شريف ۽ **خميس** جا روزا رکندا هئا

انهيءَ جي باري ۾ عرض ڪيو ويو تہ فرمايائون، هنن ٻنهي ڏينهن ۾ الله عَزَّوَجَلَّ هر مسلمان جي مغفرت فرمائيندو آهي پر اهي ٻہ شخص جن پاڻ ۾ جُدائي ڪري ڇڏي آهي انهن جي متعلق ملائڪن کي فرمائيندو آهي انهن کي ڇڏي ڏيو ايتري تائين جو صلح ڪري وٺن. (ابن ماجہ ج 2 ص 344 حديث1740)

مفسرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي تحت مراٰة ج 3 ص 196 تي فرمائن ٿا: سبحٰن الله! اهي ٻئي ڏينهن وڏي عظمت ۽ برڪت وارا آهن ۽ ڇو نہ هجن جو انهن کي عظمت وارن سان نسبت آهي، ”جمعرات“ تہ جمعي جي پاڙيسري آهي ۽ حضرت آمنہ خاتون جي حاملہ هئڻ جو ڏينهن آهي، ۽ سومر حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت جو ڏينهن بہ آهي ۽ قرآن ڪريم جي نازل ٿيڻ جو ڏينهن بہ.

مدينہ 3: اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيّدتنا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون، منهنجا سرتاج صاحبِ معراج صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **سومر** ۽ **خميس** جو خيال ڪري روزا رکندا هئا. (ترمذي شريف ج2 ص186 حديث745)

مدينہ 4: حضرت سيّدُنا ابو قتاده رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا، سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار، رسولن جي سالار، نبين جي سردار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان **سومر شريف** جي روزي جو سبب پُڇيو ويو تہ فرمايائون، انهيءَ ۾ منهنجي ولادت ٿي، انهيءَ ۾مون تي (پهرين) وحي نازل ٿي.
(صحيح مسلم ج 1 ص 591)

مدينه 5 حضرت سيّدُنا **اسامه** بن زيد رضی اللہ عنہما جي غلام رضی اللہ عنہ کان مروي آهي، فرمائن ٿا تہ سيّدُنا **اسامه** بن زيد رضی اللہ عنہما **سفر** ۾ بہ **سومر** ۽ **خميس** جا روزا ترڪ نہ فرمائيندا هئا. مون سندن بارگاهہ ۾ عرض ڪيو تہ ڇا سبب آهي جو اوهان هن وڏي عمر ۾ بہ **سومر** ۽ **خميس** جا روزا رکندا آهيو؟ فرمايائون، نبي ڪريم رؤف رحيم صلی اللہ علیہ والہ وسلم **سومر** ۽ **خميس** جا روزا رکندا هئا. مون عرض ڪيو، يا رسول الله صلی اللہ علیہ والہ وسلم! ڇا سبب آهي جو اوهان**سومر** ۽ **خميس** جا روزا رکندا آهيو؟ تہ ارشاد فرمايائون ماڻهن جا اعمال **سومر** ۽ **خميس** جو پيش ڪيا ويندا آهن. (شعب الايمان ج 3 ص 392 حديث 3859)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

”جنت“ جي ٽن اکرن جي نسبت سان
اربع ۽ خميس جي روزن جا 3 فضائل

مدينه 1 : **حضرت** سيّدُنا عبد الله ابنِ عباس رضی اللہ عنہما کان روايت آهي. الله عزوجل جي پياري رسول، سيده آمنہ جي گلشن جي مهڪندڙ گل صلی اللہ علیہ والہ وسلم جو فرمانِ بشارت نشان آهي، جيڪو **اربع** ۽ **خميس** جا روزا رکي ان جي لاءِ جهنّم کان آزادي لکي ويندي آهي. (ابو يعلى ج 5 ص 115 حديث 5610)

مدينه 2: **حضرت** سيّدُنا مُسلم بن عُبيد الله قُرَشي رضی اللہ عنہ پنهنجي والد مڪرَّم رضی اللہ عنہ کان روايت ڪن ٿا تہ انهن بارگاهِ رسالت صلی اللہ علیہ والہ وسلم ۾ يا تہ پاڻ عرض ڪيو يا ڪنهن ٻئي دريافت ڪيو، يا رسول

الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آءُ **هميشہ روزو** رکان؟ سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن خاموش رهيا. پوءِ ٻئي ڀيري عرض ڪيو، وري خاموشي اختيار فرمايائون. ٽئين ڀيري پُڇڻ تي وراڻيائون تہ روزي جي متعلق ڪنهن سوال ڪيو؟ عرض ڪيم، مون يا **نبي الله** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تہ جواب ۾ ارشاد فرمايائون، بيشڪ توهان تي توهان جي گهر وارن جو حق آهي توهان **رمضان** ۽ ان جي ملندڙ مهيني (شوال) ۽ هر **اربع** ۽ **خميس** جو روزو رکو تہ جيڪڏهن توهان ائين ڪندؤ تہ ڄڻ توهان هميشہ جا روزا رکيا. (شعب الايمان ج 3 ص 395 حديث 3868)

مدينہ 3: فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم "جنهن **رمضان، شوال، اربع** ۽ **خميس** جو روزو رکيو تہ اهو جنّت ۾ داخل ٿيندو". (السنن الكبرٰي للنسائي ج 2 ص 147 حديث 2778)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

"ڪرم" جي ٽن اڪرن جي نسبت سان اربع، خميس ۽ جمعي جي روزن جا 3 فضائل

مدينہ 1: جنهن **اربع، خميس** ۽ **جمعي** جا روزا رکيا الله تعالٰي ان جي لاءِ جنّت ۾ هڪ گهر بڻائيندو جنهن جي ٻاهريان وارو حصو اندران ڏسڻ ۾ ايندو ۽ اندر وارو ٻاهر کان. (مجمع الزوائد ج3 ص 452 حديث5204)

مدينہ 2: **حضرت** سيّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ (يعني اربع، خميس ۽ جمعي جا روزا رکڻ واري جي لاءِ جنّت ۾) موتي ۽ ياقوت ۽ زمرد جو **محل** بڻائيندو ۽ ان جي لاءِ دوزخ کان براءَت (يعني آزادي) لکي ويندي. (شعب الايمان ج3 ص 397 حديث3873)

مدينه 3: جيڪو هنن ٽن ڏينهن جا روزا رکي پوءِ جمعي جو ٿورو يا گهٽو تصدق (يعني خيرات) ڪري ته جيڪي گناهه ڪيا آهن، بخشيا ويندا ۽ اهڙو ٿي ويندو جيئن ان ڏينهن پنهنجي ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيو. (ايضا 3872)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

”جمعه“ جي چئن اکرن جي نسبت سان جمعي جي روزن جي معتلق 4 فرامينِ مصطفٰي ﷺ

مدينه1 :”جنهن جمعي جو روزو رکيو ته الله عَزَّوَجَلَّ ان کي آخرت جي ڏهن ڏينهن جي برابر اجر عطا فرمائيندو ۽ انهن (ڏينهن) جو تعداد دنيا جي ڏينهن جهڙو ناهي“. (شعب الايمان ج 3 ص393 حديث3862)

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! رڳو **جمعي** جو روزو نه رکو ان سان گڏ **خميس** يا **چنڊ** ملائي ڇڏيو. مروي آهي ته **ڏهه هزار سالن** جي روزن جي برابر آهي. (فتاوي رضويه ج 10 ص 653)

مدينه 2: ”جنهن **جمعو** ادا ڪيو (يعني جمعي جي نماز ادا ڪئي) ۽ ان ڏينهن جو **روزو** رکيو ۽ مريض جي عيادت ڪئي ۽ جنازي سان گڏ ويو ۽ نڪاح جي گواهي ڏني ته ان جي لاءِ جنّت واجب ٿي وئي“.(معجم ڪبير ج8 ص97 حديث7484)

مدينه 3 :”جنهن روزي جي حالت ۾ **جمعي** جي ڏينهن جو صبح ڪيو ۽ مريض جي عيادت ڪئي ۽ جنازي سان گڏ ويو ۽ صدقو ڪيو ته ان پنهنجي لاءِ جنّت واجب ڪري ڇڏي“. (شعب الايمان ج3 ص394 حديث3864)

مدينه 4: ”جنهن جمعي جي ڏينهن **روزو** رکيو ۽ مريض جي **عيادت** ڪئي ۽ مسڪين کي **ٿاڌو** ڪارايو ۽ جنازي سان گڏ هليو تہ ان کي چاليهن سالن جا گناهہ لاحِق (يعني ساڻ) نہ هوندا. (شعب الايمان ج3 ص394 حديث3865)

حضرتِ سيّدُنا عبد الله بن مسعود رضی الله عنه فرمائن ٿا، سرڪارِ مدينه صلَّى الله عليه واٰله وسلَّم جن تمام گهٽ **جمعي** جو روزو ترڪ فرمائيندا هئا. (شعب الايمان ج3 ص394 حديث3865)

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! جهڙي طرح **عاشوري** جي روزي کان پهريان يا بعد ۾ هڪ روزو رکڻو آهي اهڙيءَ طرح **جمعي** ۾ بہ ڪرڻو آهي، ڇو تہ خصوصيّت سان اڪيلي **جمعي** يا ڇنڇر جو روزو رکڻ مڪروهِ تنزيهي (يعني ناپسند) آهي. ها جيڪڏهن ڪنهن مخصوص تاريخ جو **جمعو** يا ڇنڇر اچي ويو تہ رُڳو **جمعو** يا **ڇنڇر** جو روزو رکڻ ۾ ڪراهت ناهي. مثال طور 15 شعبان المعظم، 27 رجب المرجب وغيره.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

”فضل“ جي ٽن اکرن جي نسبت سان رُڳو جمعي جو روزو رکڻ جي ممانعت تي ٽي فرامين مصطفٰي ﷺ

مدينه 1: راتين مان **جمعي** جي رات کي قيام جي لاءِ خاص نہ ڪريو ۽ نہ ئي ڏينهن جي دؤران **جمعي جي ڏينهن** کي روزي سان خاص ڪريو پر هي جو توهان اهڙي روزي ۾ هجو جيڪو توهان کي رکڻو هجي. (صحيح مسلم ص 576 حديث 1144)

مدينه 2: ”توهان مان ڪو هرگز **جمعي** جو روزو نہ رکي پر هي تہ ان کان پهريان يا بعد ۾ هڪ ڏينهن ملائي ڇڏي.“
(بخاري شريف ج 1 ص 653 حديث 1985)

مدينه 3: ”**جمعي** جو ڏينهن توهان جي لاءِ **عيد** آهي هن ڏينهن روزو نہ رکو پر هي جو ان کان پهريان يا بعد ۾ بہ **روزو** رکو. (الترغيب و الترهيب ج2 ص81 حديث11) هنن ٽنهي حديثن مان معلوم ٿيو تہ رُڳو **جمعي** جو روزو نہ رکڻ گهرجي. ها جيڪڏهن ڪو خاص سبب هجي مثال طور 27 هين رجب المرجب **جمعي** جو ٿي ويئي تہ هاڻي رکڻ ۾ حرج ناهي.

مفسر شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان رحمۃ اللہ علیہ مراٰة ج 3 ص 187 تي فرمائن ٿا: مثال طور ڪو شخص هر يارهين يا ٻارهين جو روزو رکڻ جو عادي هجي ۽ اتفاق سان ان ڏينهن جمعو اچي وڃي تہ رکي وٺي، هاڻي خلافِ اولٰي بہ ناهي.

جمعي جي روزي جي متعلق هڪ فتويٰ

هن ضمن ۾ فتاوي رضويہ (مخرجه) جلد 10 ص 559 تان معلوماتي سوال جواب ملاحظہ فرمايو: سوال: ڇا فرمائن ٿا علماء دين هن مسئلي ۾ جو جمعي جو نفل روزو رکڻ ڪيئن آهي؟ هڪ شخص جمعي جو روزو رکيو ٻئي ان کي چيو جمعو مومنن جي عيد جو ڏينهن آهي، روزو رکڻ هن ڏينهن ۾ مڪروهہ آهي ۽ ڪافي اصرار ڪري ٻيهريءَ کان پوءِ روزو ٽوڙائي ڇڏيو ۽ ڪتاب ”سِرُ القلوب“ ۾ مڪروهہ ٿيڻ لکيل آهي ڏيکاري ڇڏيو. اهڙي صورت ۾ روزو ٽوڙڻ واري تي ڪفارو آهي يا نہ ۽ ٽوڙائڻ واري تي ڪو الزام آهي يا نہ؟ الجواب:

جمعي جو روزو خاص هن نيت سان رکڻ جو اڄ جمعو آهي تہ ائين خصوصيت سان رکڻ مکروهہ آهي، پر نہ ايتري ڪراهت جو ٽوڙڻ لازم ٿئي، ۽ جيڪڏهن خصوصيت سان روزي رکڻ جي نيت نہ هئي تہ ڪا ڪراهت بہ ناهي ان ٻئي شخص کي جيڪڏهن مکروهہ نيت جي خبر ئي ڪا نہ هئي تڏهن تہ اعتراض ئي شروع کان بيوقوفي ٿيو ۽ روزو ٽوڙائڻ شريعت تي سخت جرئت ۽ جيڪڏهن خبر بہ هئي تڏهن بہ مسئلو ٻڌائي ڇڏڻ ڪافي هو نہ وري روزو ٽوڙائڻ ۽ اهو بہ ٻيهري ڪان پوءِ، جنهن جو اختيار نفل روزي ۾ والدين کان سواءِ ڪنهن کي بہ ناهي، ٽوڙڻ وارو ۽ ٽورائڻ وارو ٻئي گنهگار ٿيا، ٽوڙڻ واري تي قضا لازم آهي ڪفارو اصل بلڪل بہ ناهي. والله تعالٰي اعلم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

ڇنڇر ۽ آچر جا روزا

حضرت سيّدتنا ام سلمه رضی الله عنها کان مروي آهي تہ رسول الله صلی الله علیه واله وسلم **ڇنڇر** ۽ **آچر** جو روزو رکندا هئا ۽ فرمائيندا هئا،"هي ٻئي (ڇنڇر ۽ آچر) مشرڪين جي عيد جا ڏينهن آهن ۽ مان چاهيان ٿو تہ انهن جي مخالفت ڪريان". (ابن خزيمہ ج3 ص318 حديث2167)

رُڳو **ڇنڇر** جو روزو رکڻ منع آهي. تنهنڪري حضرتِ سيّدُنا عبدالله بن بُسر رضی الله عنه پنهنجي پيٽ رضی الله عنها کان روايت ڪن ٿا تہ رسول الله صلی الله علیه واله وسلم ارشاد فرمايو: "ڇنڇر جي ڏينهن جو روزو فرض روزن کان علاوه نہ رکو. حضرتِ سيّدُنا امام ابوعيسیٰ **ترمذي** رضی الله عنه فرمائن

ٿا تہ هي حديث حَسَن آهي ۽ هتي ممانعت مان مراد ڪنهن شخص جو ڇنڇر جي روزي کي خاص ڪري ڇڏڻ آهي جو يهودي ان ڏينهن جي تعظيم ڪندا آهن“. (جامع ترمذي ج2 ص186 حديث744)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

نفلي روزن جا 13 مدني گل

مدينه 1: ماءُ پيءُ جيڪڏهن پٽ کي **نفل روزي** کان ان لاءِ منع ڪن جو بيماريءَ جو انديشو آهي تہ ماءُ پيءُ جي اطاعت ڪري.
(رد المحتار ج3 ص416)

مدينه 2 : مڙس جي اجازت کان بغير گهرواري **نفلي روزو** نہ ٿي رکي سگهي. (درمختار، رد المحتار ج3 ص415)

مدينه 3 :نفلي روزو ڄاڻي واڻي شروع ڪرڻ سان پورو ڪرڻ واجب ٿي ويندو آهي جيڪڏهن ٽوڙيندؤ تہ قضا واجب ٿيندي. (درمختار ج3 ص411)

مدينه 4:نفلي روزو ڄاڻي واڻي نہ ٽوڙيو بلڪ بي اختيار ٿُٿي پيو مثال طور عورت کي روزي جي دؤران حيض اچي ويو تہ روزو ٿُٿي پيو پر قضا واجب آهي. (درمختار ج3 ص412)

مدينه 5: نفلي روزو بنا عذر جي ٽوڙڻ ناجائز آهي. مهمان سان گڏ جيڪڏهن ميزبان نہ کائيندو تہ ان کي يعني مهمان کي سُنو نہ لڳندو. يا مهمان جيڪڏهن کاڌو نہ کائي تہ ميزبان کي اذيت ٿيندي تہ **نفلي روزو** ٽوڙڻ جي لاءِ هي عذر آهي پر شرط هي آهي تہ يقين هجي جو ان جي

قضا رکي سگهندو ۽ هي بہ شرط آهي تہ ضحوهءِ ڪبريٰ کان پهريان ٿوڙي بعد ۾ نہ. (درمختار، رد المحتار ج3 ص413)

مدينہ 6: والدين جي ناراضگيءَ جي سبب ٽيپهريءَ کان پهريان تائين **نفلي** روزو ٿوڙي سگهي ٿو. ٽيپهريءَ کان بعد نہ. (درمختار، رد المحتار ج3 ص414)

مدينہ7: جيڪڏهن ڪنهن اسلامي ڀاءُ دعوت ڪئي تہ ضحوهءِ ڪبريٰ کان پهريان **نفلي** روزو ٿوڙي سگهي ٿو. پر قضا واجب آهي.
(درمختار ج3 ص414)

مدينہ 8 : هن طرح نِيَّت ڪئي تہ "ڪٿي دعوت ٿي تہ روزو ناهي ۽ نہ ٿي تہ آهي". هيءَ نيّت صحيح ناهي. بهرحال روزيدار ناهي.
(عالمگيري ج1 ص195)

مدينہ 9 : ملازم يا مزدور جيڪڏهن نفلي روزو رکن ۽ ڪم پورو نہ ٿا ڪري سگهن تہ "سيٺ" (يعني جنهن ملازمت يا مزدوري تي رکيو آهي) جي اجازت ضروري آهي ۽ جيڪڏهن ڪم پورو ڪري سگهن ٿا تہ اجازت جي ضرورت ناهي.[1] (درمختار ج3 ص416)

مدينہ 10: طالبِ علمِ دين جيڪڏهن نفل روزو رکي ٿو تہ ڪمزوري ٿيندي، ننڊ ايندي ۽ سستيءَ جي سبب علمِ دين حاصل ڪرڻ ۾ رڪاوٽ ٿيندي تہ افضل اهو آهي تہ نفل روزو نہ رکي.

---

[1] ملازمت جي متعلق بهترين معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو شايع ڪيل رُڳو 16 صفحن جو رسالو"ملازمن جا 21 مدني گل "جو ضرور مطالعو فرمايو.

مدينه 11: حضرت سيّدُنا داود عَلٰی نَبِیِّنَا وعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ والسَّلَام هڪ ڏينهن ڇڏي هڪ ڏينهن روزو رکندا هئا. اهڙيءَ طرح روزا رکڻ کي ”صومِ دادي“ چئبو آهي ۽ اسان جي لاءِ هي افضل آهي. جيئن تہ رسول الله صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وسَلَّم ارشاد فرمايو: افضل روزو منهنجي پاءُ **داود** (عَلَیْہِ السَّلَام) جو روزو آهي جو اهي هڪ ڏينهن روزو رکندا هئا ۽ هڪ ڏينهن نہ رکندا هئا ۽ دشمن جي مقابلي کان فرار نہ ٿيندا هئا.“
(جامع ترمذي ج2 ص197 حديث770)

مدينه 11: حضرت سيّدُنا سليمان عَلٰی نَبِیِّنَا و عَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ والسَّلَام ٿي ڏينهن مهيني جي شروع ۾، ٿي ڏينهن وچ ۾ ۽ ٿي ڏينهن آخر ۾ روزا رکندا هئا ۽ اهڙيءَ طرح مهيني جي شروعات، وچ ۽ آخر ۾ روزيدار رهندا هئا. (کنزالعمال ج8 ص304 حديث24624)

مدينه 13: صومِ دهر (يعني هميشہ روزا رکڻ سواءِ انهن پنجن ڏينهن جي يعني شوال جي پهرين ۽ ذوالحجه جي ڏهين کان تيرهين جو جن ۾ روزو رکڻ حرام آهي) مکروهِ تنزيهي آهي. (در مختار ج3ص 337)

هميشہ روزو رکڻ

هميشہ جي روزن کان ممانعت تي”بخاري شريف“ جي هي حديث بہ آهي ۽ ان جو مفهوم بہ علماء ڪرام تاويل سان بيان فرمايو آهي. جيئن فرمانِ مصطفٰي صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وسَلَّم لَاصَامَ مَنْ صَامَ الدَّهْرَ يعني جيڪو هميشہ روزا رکي ان روزا رکيا ئي نہ. (بخاري ج 1 ص 651 حديث 9179)

شرح حديث: شارحِ بخاري حضرت علامہ مفتي محمد شريف الحق امجدي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي تحت لکن ٿا: جيڪڏهن هن خبر کي نَهْي جي معنٰي ۾ مجيون (يعني جيڪڏهن هن حديث جو هي معنٰي وٺون تہ هميشہ روزا رکڻ منع آهي ۽ جيڪو رکندو تہ ان کي ڪو ثواب نہ ملندو) تہ (ان صورت ۾ حديث جو) ارشاد انهن ماڻهن جي لاءِ آهي جن کي مسلسل روزا رکڻ جي سبب انهن جو غالب گمان هجي تہ ايترا ڪمزور ٿي ويندا سين جو جيڪي حق انهن تي واجب آهن انهن کي ادا نہ ڪري سگهندا چاهي اهي حق ديني هجن يا دنياوي، مثال طور نماز، جهاد، ٻارن کي پالڻ جي لاءِ ڪمائي، ۽ (پهرين صورت کان علاوه ٻي صورت اها ٻڌجي ٿي تہ) جيڪڏهن مسلسل روزا رکڻ جي سبب (جيڪڏهن) انهن (روزيدارن) جو غالب گمان هجي تہ حقوقِ واجبہ تہ مڪمل طور تي ادا ڪري وٺندا پر حقوقِ غير واجبہ ادا ڪرڻ جي قوت نہ رهندي، انهن جي لاءِ روزو مڪروهہ يا خلافِ اولٰي آهي. ۽ جنهن کي ان جو غالب گمان هجي تہ صومِ دهر (يعني هميشہ روزا) رکڻ جي باوجود تمام حقوقِ واجبہ مسنونہ، مستحبہ مڪمل طور ادا ڪري وٺندا انهن جي لاءِ ڪراهت بہ ناهي ڪجهہ صحابہ ڪرام جيئن ابو طلحہ انصاري ۽ همزه بن عمر اسلمي رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا صومِ دهر(يعني هميشہ روزا) رکندا هئا ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن کي منع نہ فرمايو اهڙي طرح ڪيئي تابعين ۽ اولياء ڪرام کان بہ صومِ دهر(يعني هميشہ روزا) رکڻ منقول آهي. (اشعة اللمعات جلد ثاني ص 100) نزهة القاري ج 3 ص 386 ملخصا)

يا ربِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي زندگي، صحت ۽ فرصت (واندڪائي) کي غنيمت ڄاڻيندي خوب خوب **نفلي روزا** رکڻ جي سعادت عطا فرماءِ، انهن کي قبول بہ ڪر ۽ اسان جي مٿي مٿي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سڄي امت جي مغفرت فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نمازِ مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو "فڪرِ مدينہ" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

منهنجو مدني مقصد: "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ الله عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ "مدني انعامات" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "مدني قافلن" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ الله عزوجل

عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net